# 6

# ماٺِ

پڙهو، ڳايو، سمجهو.

ماٺ جي هڪ لفظ ۾، سڀني سُکن جو سار آ،
”م“ ۾ آ ماکي مليل، ”ٺ“ ۾ سمايل ٺار آ.

ٿِي ماٺ ۾ ڌرتي هلي، ماٺِ ۾ سج چنڊ ڦِرن،
ٿا بِنا آواز جي، قانون قدرت جا چُرن.

ماٺ ۾ گُلشن ٽڙي، ۽ ماٺ ۾ گل ڦل ڪِلي،
آ اُها چوکي چَڱي، جا ماٺ ۾ مَحِفل هلي.

آ سدا سڀ کان سُڻي، مُٺ ٻڪوڙيل ماٺِ جي،
ڳالهه جي نِکري اَندر مان، ٿي بُرائي بات جي.

ٿو ماٺِ ۾ مالڪ ملي، ماٺ ۾ ڪَرِ بَندگي،
هُل هنگامي کان پري، ڪاٽ پنهنجي زندگي.



## نوان لفظ

ماٺ - خاموشي، سانت
هُل هنگامو - گوڙ شور
ڪلڻ - ٽڙڻ، وڌڻ

بندگي - عبادت، پوڄا
گلشن - باغ
ٻڪوڙي رکڻ - بند ڪري رکڻ

ٺار - ٿڌاڻ
ڪاٽ - گذار
بات - ڳالهه

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين جا هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

١) ماڻ جي لفظ ۾ ڪهڙو سارُ آ؟
٢) قدرت جو قانون ڇا آهي؟
٣) مُٺ کُلڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

١) گلشن جي محفل ڪيئن هلندي آهي؟
٢) مالڪ ڪيئن ملندو آهي؟

**سوال.٣. ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو.**

١) ٿي ماڻ ۾ .................... هلي، ماڻ ۾ ................ قِرن.
(سچ چنڊ، ڌرتي، سج، چنڊ، گرهه)
٢) آ سدا سڀ ڪان ...................، مُٺ ڀڪوڙيل ماڻ جي.
(خراب، غلط، سٺي)
٣) ................... ڪان پري، ڪاٿ پنهنجي زندگي.
(گوڙ شور، هُل هنگامي، شانت)

**سوال.۴. هيٺين لفظن مان ساڳي معني وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيو.**

| | |
|---|---|
| ماڻ | ڏيرج |
| قانون | باغ |
| گلشن | گوڙ شور |
| هنگامو | خاموشي |
| صبر | قاعدو |

# پورڪ اَڀياس

**١) شعر بند تي مشغولي.**

ماڻ ۾ گلشن .................... برائي باٽ جي.

(الف) سدا لفظ جو ساڳيءَ معني وارو لفظ. ☐


(ب) ڏنل لفظن جا ضد : سُني ☐ — اَندر ☐

(ث) 'محفل' لفظ ڪٽي ڪو جملو لکو.

**٢) بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا ٽي جوڙا لکو.**

**٣) ماکيءَ جي مک بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.**

۴) بيت ۾ ڏنل ماٽ سان لاڳاپو رکندڙ قدرتي شين لاءِ هيٺين خاڪو پورو ڪريو.




ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.

ايڪلويه ۽ دروڻاچاريه | هنومان ۽ وانر سينا



- شاگرد چتر ڏسي اُنهن جي باري ۾ آکاڻي / قصو مائٽن / اَڌياپڪن / اِنٽرنيٽ دواران ٻُڌي / پڙهي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌائيندا.